SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXIII مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO. XXXIII OF 1984

# سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SIND COTTON CONTROL (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and Commencement

2. مغربي پاڪستان آرڊيننس XX مجريه 1966 جي دفعه 7 جي ترميم
Amendment of section 7 of West Pakistan Ordinance XX of 1966

# سنڌ آردينس نمبر XXXIII مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO. XXXIII OF 1984

# سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول (ترميم) آردينس، 1984

# THE SIND COTTON CONTROL (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[18 آڪٽوبر 1984]

آردينس جنهن سان سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول آردينس 1966 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

هن آردينس جي ذريعي سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول آردينس، 1966 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

جيئن ته وفاقي شرعي عدالت سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول آردينس، 1966 ۾ ڪجهه ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي.

تنهنڪري 5 جولائي 1977 جي اعلان ۽ عبوري آئين 1981 جي حڪم جي تعميل ۾ گورنر سنڌ خوشيءَ سان هن آردينس کي نافذ فرمائي ٿو:-

مختصر عنوان ۽ شروعات and Short Title, Commencement

1. (1) هن آردينس کي سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول (ترميم)، آردينس 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي في الفور نافذ ٿيندو.

مغربي پاڪستان آردينس XX مجريه 1966 جي دفعه

2. سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول آردينس 1966 جي دفعه 7 ۾ ذيلي دفعه (3) ڪانپوءِ هيٺين نئين ذيلي دفعه جو اضافو ٿيندو.

7 ۾ ترميم
Amendment of section 7 of West Pakistan Ordinance XX of 1966

”3_A) ’ذيلي دفعہ (3) جي تحت پاس ٿيندڙ آرڊر کان متاثر ٿيل شخص هن آرڊر جاري ٿيڻ جي 7 ڏينهن جي اندر مرضيءَ موجب حڪومت کي اپيل ڪري سگهي ٿو جنهن جو فيصلو حتمي هوندو.

هن اپيل جو تيستائين ڪو آرڊر نہ ڪڍيو ويندو جيستائين اپيل ڪرڻ واري شخص کي ٻڌڻ جو موقعو نٿو ڏنو وڃي.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**